# سخاوت مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سخاوتِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي: بخيل آهي اهو شخص جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿئي، پوءِ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (مسند احمد بن حنبل، ج ١،ص429 ،حديث 1736)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرودان پہ سدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث ورضاؔ دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون



www.dawateislami.net

سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سخاوت:

حضرت عبدالله هَوزَني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کان روايت آهي تہ مقامِ حَلَب (شام) ۾ مؤذنِ رسول حضرت سَيِّدنا بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن سان منهنجي ملاقات ٿي ۽ مان ان کان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خرچ جي باري ۾ پڇيو، تہ انهن ٻڌايو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ جيڪو ڪجھ (مال) هوندو هو، ان ڪي خرچ ڪرڻ جي ذمہ داري منهنجي هوندي هئي، بعثت کان وفات شريف تائين هي ڪم منهنجي حوالي رهيو. جڏهن ڪو بي لباس مسلمان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ايندو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي حڪم فرمائيندا ۽ مان ڪنهن کان قرض وٺي ۽ چادر خريد



www.dawateislami.net

ڪري ان ڪي پهرائيندو ۽ ڪاڏو ڪارائيندو هيس. هڪ ڏينهن هڪ مُشرِڪ مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي بِلال! توهان مون کان سوا ڪنهن ٻئي کان قرض نہ وٺندا ڪريو، مون وٽ گهڻو مال آهي. مون ائين ئي ڪيو، هڪ ڏينهن مان وضو ڪري اذان ڏيڻ لاءِ اُٿيس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ اهو مُشرِڪ ڪيترن ئي تاجرن سان گڏ مون وٽ آيو ۽ مون کي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چوڻ لڳو: ”توهان کي ڪجهہ معلوم آهي وعدي ۾ ڪيترا ڏينهن باقي آهن“ مون چيو: وعدي جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. ان چيو تہ صرف چار ڏينهن باقي رهجي ويا آهن، جيڪڏهن هن مدّت ۾ توهان قرض نہ ادا ڪيو تہ مان توهان کي غلام بڻائي ٻڪريون چارائيندس جيئن تہ توهان پهرين چاريندا هيو. هي ٻڌي مون کي فڪر ٿيو. ايستائين جو مون عشاء جي نماز پڙهي ڇڏي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي ڪاشانِ اقدس ۾ تشريف کڻي ويا، مان اجازت وٺي حاضرِ خدمت ٿيس ۽ عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين. اهو مشرڪ جنهن کان مان قرض وٺندو آهيان، ان مون کي هيئن هيئن چيو آهي، توهان وٽ بہ قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ مون وٽ بہ ڪجهہ ناهي، اهو مون کي بيهر رسوا ڪندو“ مون کي اجازت ڏيو تہ مان انهن ماڻهن وٽ هليو وڃان جيڪي مسلمان ٿي ويا آهن. ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ايترو مال عطا فرمائي جو جنهن سان منهنجو قرض ادا ٿي وڃي. هي چئي مان اتان هليو آيس. صبح جي وقت وڃڻ جي ارادي سان جڏهن مان ٻاهر نڪتس تہ هڪ شخص ڊڪندو مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، اي بلال! رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان کي گهرايو آهي“ مان اتي پهتس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ سامان سان ڀريل چار اُٺَ موجود آهن. مون اندر اچڻ



www.dawateislami.net

جي اجازت گهري ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مبارڪ هجي! الله تعالي تنهنجي قرض جي ادائيگي جو سامان ڪري ڇڏيو، پوءِ فرمايو: تون چار اُٺَ ڏٺا ؟ مون عرض ڪيو، جي ها. پاڻ سڳورن فرمايو ته هي اُٺَ فَدَڪ جي حاڪم موڪليا آهن، هي ان تي رکيل ڪٽڪ ۽ ڪپڙا سڀ توهان رکو ۽ ان مان پنهنجو قرض ادا ڪيو. مون حڪم جي تعميل ڪندي ايئن ئي ڪيو، پوءِ مان مسجد ۾ آيس ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام عرض ڪيو، ته پاڻ سڳورن جن پڇيو! هن مال مان تو کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيو؟ مون عرض ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ اهو تمام قرض ادا فرمائي ڇڏيو، جيڪو ان جي رسول تي هيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ان مال مان ڪجهه باقي به بچيو آهي؟ مون عرض ڪيو : جي ها. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”مون کي ان کان به بي تعلق ڪريو! جيستائين هي ڪنهن نڪاڻي نه لڳندو، مان گهر نه ويندس“ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ عشاء کان فارغ ٿيا ته مون کي گهرائي ان بقيه مال جو حال دريافت ڪيو، مون عرض ڪيو: اهو مون وٽ آهي ڪير سوالي نه مليو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جو مسجد ۾ ئي رهيا. ٻئي ڏينهن نمازِ عشاء کان پوءِ مون کي ٻيهر گهرايو، مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي سَبُڪدوش ڪري ڇڏيو. هي ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تڪبير چئي ۽ خدا جو شڪر ادا ڪيو، جو ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڊپ هئو ته ڪٿي ايئن نه ٿئي جو موت اچي وڃي ۽ اهو مال مون وٽ هجي. ان کان پوءِ مان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پويان هلڻ لڳس، ايستائين جو پاڻ سڳورا ڪاشانهٔ اقدس ۾ تشريف ڪٽي ويا.

(سنن ابو دائود، ج 3، ص. 230-232، حديث 3055)



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي پياري آقا، محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر سخاوت فرمائيندا هئا تہ ڪا بہ شيءِ پاڻ وٽ رکڻ پسند نہ فرمائيندا هئا، بلڪ جيستائين ماڻهن ۾ تقسيم نہ فرمائي ڇڏن، ان وقت تائين مطمئن نہ ٿيندا هئا، پاڻ ڪي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجڻ جي باوجود بہ غريبن ۽ محتاجن تي صدقو ڪري ڇڏيندا ۽ سائل ڪي ايترو نوازيندا هئا جو ان ڪي ٻيهر گهرڻ جي حاجت ئي پيش نہ ايندي، پر افسوس! صد افسوس! اسان جي حالت اها رهي آهي تہ دنيا جي محبت دل مان گهٽ ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي ۽ هر وقت دنيا جون نعمتون ۽ آسائشون وڌائڻ جي ڌن آهي.

حضرت سَيِّدُنا مَجمَع اَنصَاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي متعلق بيان ڪن ٿا تہ انهن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جو مون تي دنيا (جي آسائشن) کان بچائڻ وارو احسان، اِن (يعني دنيا) جي ڪشادگي (مثلاً مال ۽ دولت وغيره) جي صورت ۾ ملڻ واري نعمت کان افضل آهي. ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ دنيا ڪي پسند ناهي فرمايو، انهيءَ لاءِ مون ڪي اهي نعمتون جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پسند فرمايون، انهن نعمتن کان وڌيڪ پياريون آهن، جيڪي ان پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ناپسند فرمايون.

(شعب الايمان، ج 4، ص. 117، حديث 4489)

ياد رکو!دنيا جي مال ۽ دولت جي ڪثرت ۽ ان جون گهڻيون آسائشون هجڻ بيشڪ نعمت آهي پر انهن شين کان بچي رهڻ ئي وڏي نعمت آهي.

(نيڪي جي دعوت، ص. 35)



www.dawateislami.net

## دنيا مٺي سرسبز آهي!

رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ معظم آهي: دنيا مٺي سر سبز آهي، جيڪو ان ۾ حلال طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ صحيح حقن ۾ خرچ ڪري ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ جيڪو ان ۾ حرام طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ ان کي غيرِ حق ۾ خرچ ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دار الهوان (يعني ذلت جي گهر) ۾ داخل فرمائيندو. (شعب الايمان، ج. 4، ص. 396، حديث 5527)

حضرت عَلّامَه عَبدُالرَوف مَنَاوِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي تحت فيض القدير ۾ تحرير فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ دنيا فِی نَفۡسِهٖ (يعني اصل ۾) مذموم نہ آهي، ڇو تہ هي آخرت جي بني آهي، ان لاءِ جيڪو شخص شريعت جي اجازت سان دنيا جي ڪا شي حاصل ڪري، تہ هي شي آخرت ۾ ان جي مدد ڪندي آهي. (فيض القدير،ج. 3، ص. 728، تحت الحديث 4273) اسان کي بہ گهرجي تہ ضرورت کان وڌيڪ دنيا جي پويان پئجڻ ۽ حرام ذريعا اختيار ڪري مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جي بجاءِ رزقِ حلال ڪمائڻ جو ذهن بڻايون ۽ حسب استطاعت صدقو ۽ خيرات بہ ڪندا رهون. پنهنجي رشتي دارن، پاڙي وارن ۽ ٻين غريبن جي مالي مدد بہ ڪريون. حقيقت هي آهي تہ جيڪو ڪنهن جي مدد ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ بہ ان جي مدد فرمائيندو آهي ۽ راهِ خدا ۾ ڏيڻ سان مال وڌندو آهي گهٽجندو ناهي.

صدقي جي فضائل ۽ برڪات سان مالا مال فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: صدقو مال ۾ گهٽتائي ناهي ڪندو ۽ الله تعالي معاف ڪرڻ جي ڪري ٻانهي جي عزت ئي وڌائيندو آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر



www.dawateislami.net

انڪساري ڪندو آهي، ته الله تعاليٰ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي. (صحيح مسلم، ص. 1397، حديث 2588) اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شانِ بي نيازي هئي ته درِ اقدس ۾ مال رکڻ به پسند نه فرمايو بلڪ فورًا ان کي صدقو فرمائي ڇڏيندا هئا. جيئن ته هڪ ڏينهن نمازِ عصر جو سلام ڦيريندي ئي پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دولت خانه ۾ تشريف کڻي ويا، ۽ جلدي ٻاهر آيا، صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جن کي تعجب ٿيو! پاڻ سڳورن فرمايو ته مون کي نماز ۾ خيال آيو ته صدقي جو ڪجهه سون گهر ۾ پيو آهي، مون کي پسند نه آيو ته رات ٿي وڃي ۽ اهو گهر ۾ پيو رهي، انهيءَ لاءِ وڃي ان کي تقسيم ڪرڻ جو چئي آيو آهيان. (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 411، حديث 1221)

حضرت سَيِّدُنا اَبُو ذَر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان نبيِ اَڪرَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيس. جڏهن پاڻ سڳورن احد جبل کي ڏٺو ته فرمايو: ”جيڪڏهن هي جبل منهنجي لاءِ سون بڻجي وڃي ته مان پسند نه ڪندس ته ان مان هڪ دينار به مون وٽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رهجي وڃي، سواءِ ان دينار جي جنهن کي مان قرض جي ادائيگي جي لاءِ رکي ڇڏيان“ (صحيح بخاري، ج. 2، ص. 105، حديث 2388)

## سڀ کان وڌيڪ سخي:

شهنشاهِ نبوت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شانِ سخاوت بيان ڪندي حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ سخي آهن ۽ سخاوت جو دريا سڀ کان وڌيڪ ان وقت جوش تي هو، جڏهن رمضان ۾ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان جبرئيلِ امين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جبرئيلِ امين



www.dawateislami.net

عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (رمضان مبارڪ جي) هر رات ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان گڏ قرآنِ عظيم جو دؤر فرمائيندا هئا. "رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تيز لڳڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ خير جي معاملي ۾ سخاوت فرمائيندا هئا" (فيضانِ سنت، بحوالو صحيح بخاري، ج. 1، ص. 9، حديث 6)

واہ کیا جُود و کرم ہے شہِ بطحا تیرا
نہیں سنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا
دَھارے چلتے ہیں عطا کے وہ ہے قطرہ تیرا
تارے کھلتے ہیں سخا کے وہ ہے ذرہ تیرا
اغنیا پلتے ہیں در سے وہ ہے باڑا تیرا
اصفیا چلتے ہیں سر سے وہ ہے رستا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن ڪنهن سائل کي جواب ۾ لَا ( يعني نہ) جو لفظ ناهي فرمايو. (شفاء شريف، جلد 1، ص. 111) هڪ ڀيري حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت سراپاءَ اقدس ۾ 70 هزار درهم آندا ويا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي درهم هڪ تڏي تي رکيا ۽ وٽ ويهي ورهائڻ لڳا ڪنهن بہ سوالي کي خالي نہ موٽايو ايستائين جو ان کان آزاد ٿي ويا. (اخلاق النبى وآدابه لابى الشيخ الاصبهانى،واماذكرمن جوده وسخائه، الحديث:٩٥، ص٣٠،فيه ذكرسبعين الف درهم )

لَا وَ رَبِّ الْعَرْش جس کو جو مِلا اُن سے مِلا
بٹتی ہے کونین میں نعمت رَسُوْلُ الله کی
ہم بھکاری وہ کریم ان کا خُدا ان سے فزوں
اور نہ کہنا نہیں عادت رَسُوْلُ الله کی



www.dawateislami.net

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ نَبّيِ رَحمَت شَفِيعِ اُمَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کان ڪا شيءِ وٺندا هئا، قيمت ادا ڪرڻ کان پوءِ ان کي يا ڪنهن ٻئي کي عطا فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنَا جَابِر بِن عَبدُاللّٰه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اُٺ خريد ڪيو پوءِ اهو اُٺ ان کي تحفي ۾ عنايت فرمائي ڇڏيو. (صحيح البخارى ،كتاب البيوع،ج۲،ص۱۸، حديث۲۰۹۷)

اهڙي طرح اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنَا عُمرِ فَارُوق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان اُٺ جو ٻچو خريد ڪيو، پوءِ اهو حضرت سيّدنا عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا جن کي عطا فرمايو. (بخارى ،۲/۲۳،حديث:۲۱۱۵)

منا منا اسلامي ڀائرؤ! اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر سخاوت فرمائڻ وارا هئا جو جيڪا شيءِ پنهنجي ضرورت لاءِ خريد ڪئي هوندي هئي اها بہ تحفي ۾ ڪنهن کي عطا فرمائي ڇڏيندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ان پياري سنّت تي عمل ڪرڻ ۽ مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي نيّت سان هڪ ٻئي کي تحفو پيش ڪرڻ جي عادت ٺاهيون ڇو تہ تحفو ڏيڻ سان محبت وڌندي ۽ نفرت ختم ٿيندي آهي جيئن تہ حضرت سَيِّدُنَا عَطاء خُراساني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو "هڪ ٻئي سان هٿ ملايو ان سان ڪينو ختم ٿيندو آهي تحفو ڏيندا رهو، پاڻ ۾ محبت وڌندي ۽ دشمني ختم ٿيندي رهندي".

(مشكوٰة المصابيح،كتاب الادب ، باب ماجآء فى المصافحه ،الحديث ۴۶۹۳،ج۲،ص۱۷۱)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي ٻئي عمل ڏاڍا ڀلا آهن جنهن سان هٿ ملائيندا رهو ان سان دشمني ناهي



www.dawateislami.net

ٿيندي، جيڪڏهن اتفاقًا ڪنهن سان دشمني ٿي وڃي ته ان جي برڪت سان رڪجندي ناهي. ائين هڪ ٻئي کي تحفو ڏيڻ سان نفرتون ختم ٿينديون آهن. (مراۃ المناجیح، ۳۶۸/۶)

منا منا اسلامي ڀائرؤ! ياد رکو! تحفو ڏيڻ وٺڻ هجي يا ٻيو ڪو معاملو هجي حلال ذريعو ئي اختيار ڪرڻ گهرجي ڇو ته حرام ذريعي سان حاصل ٿيڻ واري مال جو کائڻ، پيئڻ، پارائڻ يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال ڪرڻ حرام ۽ گناهه آهي. ان جي سزا دنيا ۾ مال جي گهٽتائي، ذلت ۽ بي برڪتي آهي ۽ آخرت جي سزا جهنّم جي ٻرندڙ باهه جو دردناڪ عذاب آهي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪو شخص حرام مال ڪمائي ٿو ۽ وري صدقو ڪري ٿو ان کان قبول ناهي ڪيو ويندو ۽ ان مان خرچ ڪندو ته ان ۾ برڪت نه ٿيندي ان کي پنهنجي پويان ڇڏيندو ته هي ان جي لاءِ دوزخ جو سامان هوندو. (شرح السنۃ للبغوی ج۴ ص۲۰۵،۲۰۶ حدیث ۲۰۲۳ دارالکتب العلمیۃ بیروت)

تنهنڪري اسان کي گهرجي ته حلال طريقي سان مال ڪمايون ۽ پنهنجي ضرورت جي علاوه جيڪو بچيل مال نظر اچي ان کي فضول شين ۾ برباد ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي محتاج غريب مسلمانن ڀائرن جي مالي مدد ڪريون، مسجدون، مدرسا ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ گهٽي کان گهٽو مال خرچ ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهٽي کان گهٽي برڪت نصيب ٿيندي، جيئن ته سيپاري 3 سورة البقره جي آيت نمبر 274 ۾ ارشاد آهي:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن رات ۽ ڏينهن ۾ لِڪل ۽ ظاهر انهن جي لاءِ انهن جو اجر آهي سندن رَبّ وٽ ۽ انهن کي نه ڊپ ۽ نه ڪو غم آهي.



www.dawateislami.net

اهڙي طرح سيپاري 3 سورة البقره آيت نمبر 261 ۾ ارشاد آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۶۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن اُن داڻي وانگر جنهن ڄمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا الله ان ڪان بہ زياده وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله وسعت وارو علم وارو آهي.

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ مال خرچ ڪندا تہ اهو مالڪ ۽ مولا جيڪو زمين ۽ آسمان ۽ سڄي جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي اهو ڪريم ۽ جواد ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمائيندو ۽ اسان جي مال کي وڌائيندو. ڪيترائي خوش نصيب مسلمان اهڙا آهن جيڪي پنهنجي مال جا واجب حق ادا ڪندا آهن خوش دليءَ سان وقت تي زڪوٰة ۽ فطرو ادا ڪندا آهن پنهنجو مال ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ۽ اولاد تي خرچ ڪندا آهن، پنهنجي عزيز مٽن مائٽن جي موت تي انهن جي ايصال ثواب لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ خرچ ڪندا، سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد ملهائيندا ۽ نيڪ نيّت سان شفاء خانا نهرائيندا آهن، ماڻهن جي حقن جو لحاظ رکندي اخلاق سان قرآن خواني ۽ اجتماعِ ذِڪر ونعت ۽ سنّتن ڀريي اجتماعن جي منعقد ڪرڻ تي خرچ ڪندا آهن، مسجدن ۽ مدرسن جي تعمير ۾ حصو وٺندا آهن درس ۽ تدريس، درسِ نظامي يعني عالمِ ڪورس ۾ تعاون ڪندا آهن مثلاً استادن جي پگهار شاگردن جا ڪتاب، کاڌو، رهائش ۽ ٻيا خرچ وغيره، قرآن ڪريم (حفظ ۽ ناظره) جي تعليم ۾ مدد ڪندا آهن. مسجدن جي خرچن مثلاً بجلي ۽ سوئي گيس جا بل وغيره جمع ڪرائيندا يا ان ۾ حصو وٺندا آهن. دين اسلام



www.dawateislami.net

جي شهرت، سنّتن کي زنده ڪرڻ، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندا آهن. مثلاً مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن غريب اسلامي ڀائرن جا خرچ ڏئي، سنّتن ڀريي درس جي آرزو ڪرڻ وارن غريب اسلامي ڀائرن کي ”فيضان سنّت“ خريد ڪري ڏيڻ، پنهنجن دوڪانن، مارڪيٽن، مسجدن، پاڙي وارن، آفيسن، ڪاليجن وغيره ۾ شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا اصلاحي رسالا يا بيانن جون ڪيسٽون (آڊيو، ويڊيو) ورهائڻ جي لاءِ پنهنجي رقم راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا آهن، الله تبارڪ و تعالٰي انهن جي مال کي وڌائيندو ۽ ان جي ثواب ۾ 700 ڀيرا وڌائيندو، ان تي بس ناهي، وڌيڪ ارشاد فرمايو وڃي ٿو: وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ترجمو ڪنزالايمان : (۽ الله ان کان به وڌائي جنهن جي لاءِ چاهي)

اڃو! ترغيب جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جُودو عطا جا وڌيڪ واقعا ٻڌون ٿا اسان کي به دين جي اشاعت، مسجدن، مدرسن جي خدمت، مسلمانن جي مالي مدد ۽ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ملي. جيئن ته

## پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جا واقعا

غزوه حُنين ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري قدر ڪثرت سان سخاوت فرمائي جنهن جو انداز نٿو لڳائي سگهجي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُوٽن ۾ رهڻ وارن ۾ گهٽ کي 100،100 اُٺ عطا فرمايا. (بخاری،۱۱۸/۳،حدیث:۴۳۳۷)

حضرت صفوان بن اُميّه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ (اسلام آڻڻ کان پهريان غزوه حُنين جي موقعي تي) ٻڪرين جو سوال ڪيو، جنهن سان ٻن ٻهاڙن جو وچولو جهنگ ڀريل هو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو سڀ ان کي ڏئي ڇڏيو. انهن پنهنجي



www.dawateislami.net

قوم ۾ وڃي چيو: ”اي منهنجي قوم! توهان اسلام آڻيو! الله (عَزَّوَجَلَّ) جي قسم! محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اهڙي سخاوت فرمائيندا آهن فقر (محتاجي) جو خوف ئي ناهي ٽيندو“. (مشكاة المصابيح ،كتاب الفضائل والشمائل،ج٢، ص٣٤٦،حديث٥٨٠٦)

حضرت سعيد بن مُسيّب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته حضرت صفوان بن أميّہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چيو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُنين جي ڏينهن مونکي مال عطا فرمائڻ لڳا، حالانڪ سندن جي منهنجي نظر ۾ مبغوض ترين هئا (يعني آءُ نفرت ڪندو هيس) پوءِ پاڻ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي عطا فرمائيندا رهيا. ايستائين جو منهنجي نظر ۾ محبوب ترين ٿي ويا.

(سنن الترمذى ،كتاب الزكاة،ج٢،ص١٤٧،حديث٦٦٦)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان هڪ ڏينهن جي عطا وڏن سخي بادشاهن جي عمر ڀر جي سخاوت ۽ بخشش کان گهٽي هئي، جهنگ ٻڪرين سان ڀريل آهن ۽ حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) عطا فرمائي رهيا آهن. گهڻ وارا ميڙ جي صورت ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پوئتي هٽندا ٿا وڃن. ايستائين جو سڀ مال ورهائجي ويو، هڪ اعرابيءَ (يعني عرب جي ڳوٺ ۾ رهڻ واري) چادر مبارڪ بدن اقدس تان ڇڪي ورتي، جنهن سان مبارڪ ڪلها ۽ ڇيلهه مبارڪ تي نشان پئجي ويا، هن تي ايترو فرمايائون اي انسانؤ! جلدي نہ ڪيو، الله جو قسم توهان مونکي ڪنهن بہ وقت بخيل نہ ڏسندا. (ملتقطاً،صحيح البخارى، كتاب الجہاد والسير، باب الشجاعة فى الحرب۔۔الخ، الحديث ٢٨٢١، ج٢، ص٢٦٠،ملفوظات، ص١٢٢)

اهڙي طرح حضرت سهل بن سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪندا آهن هڪ عورت هڪ چادر ڪٺي آئي ان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي مون



www.dawateislami.net

پنهنجي هٿ سان سِبي آهي، مان توهان جي پائڻ لاءِ کڻي آئي آهيان. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ضرورت هئي، اهڙي طرح پاڻ اها چادر ورتي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڏانهن نڪتا ۽ اها چادر گوڏ جي طور تي ٻڌل هئي. هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏنو ته عرض ڪيو: واهه ڪيڏي نه سٺي چادر آهي هي مونکي پارائي ڇڏيو. پاڻ فرمايائون ها! ڪجهه دير ڪان بعد پاڻ مجلس ڪان تشريف کڻي ويا، پوءِ واپس تشريف کڻي آيا ۽ اها چادر ويڙهي ڪري ان صحابي ڏانهن موڪلي ڏني. صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هن کي چيو توهان سٺو ناهي ڪيو، جيئن ته توهان کي معلوم آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن سواليءَ کي ناهن موٽائيندا. اهو صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چوڻ لڳو: الله جو قسم! مون صرف انهيءَ لاءِ سوال ڪيو ته جنهن ڏينهن مان مري وڃان ته هيءَ چادر (برڪت لاءِ) منهنجو ڪفن ٿئي. حضرت سهل بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا اها چادر ان جو ڪفن ئي ٿي. (صحیح البخاری ، کتاب العمل فی اللباس،ج۴،ص۵۴،حدیث۵۸۱۰)

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دوجہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

## وصال ظاهري ڪانپوءِ سخاوتِ مصطفٰي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن جا سردار آهن، الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مالڪ ۽ مختار بڻايو ،پنهنجي تمام خزانن جون چابيون به عطا فرمائي ڇڏيون آهن، پر پاڻ وٽ ڪجهه به بچائي نه رکندا هئا، ۽ سڀ ڪجهه ورهائي ڇڏيندا هئا. پر حيات ظاهريءَ وانگر وصال ظاهريءَ کان پوءِ به پنهنجي امت جي پريشان حالن تي



www.dawateislami.net

رحمت جو مِينهن وسائيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جي ذهن ۾ هي وسوسو اچي تہ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ هن دنيا مان پردو ڪري ويا آهن تہ هاڻي سوال ڪرڻ وارن جي ڪيئن فرياد رسي فرمائيندا آهن؟ تہ ياد رکو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا سڀ نبي پنهنجي پنهنجي مزارن ۾ حيات آهن .

سرڪار اعلٰي حضرت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حقيقي زندگي، دنياوي، روحاني ۽ جسمانيءَ سان زندهہ آهن پنهنجن مزارن ۾ نمازون پڙهندا آهن رزق ڏنو ويندو آهي جتي چاهين تشريف ڪٽي ويندا آهن زمين ۽ آسمان جي سلطنت ۾ تصّرُفات فرمائيندا آهن. رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَلْاَنْبِيَاءُ اَحْيَاءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْن يعني انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي مزارن ۾ زندهہ آهن ۽ نماز ادا فرمائيندا آهن. (مجمع الزوائد باب ذکر الانبياء عليهم السلام ۸/ ۳۸۶،حديث: ۱۳۸۱۲از فتاوىٰ رضويہ، ۶۷۵/۱۴) جڏهن تہ هڪ ٻي حديث ۾ آهي: اِنَّ اللهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللهِ حَيٌّ يُرْزَقُ يعني بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ زمين تي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جسمن کي کائڻ حرام فرمائي ڇڏيو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نبي عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زندهہ آهن ۽انهن کي روزي بہ ڏني ويندي آهي. (سنن ابن ماجہ، كتاب الجنائز، باب ذکر وفاتہ ودفنہ صلّی اللّٰہ عليہ وسلم، ج۲، ص۲۹۱، الحديث ۱۶۳۷) جڏهن تہ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ مزارن کان ٻاهر وڃڻ ۽ آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختيار ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي.

(الحاوى للفتاوىٰ رسالہ تنوير الحلک دارالفکر بيروت ۲/ ۲۶۳فتاوىٰ رضويہ، ج۱۴، ص۶۸۵تا۹۰)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثن ۽ علماءِ ڪرام جي وضاحت مان



www.dawateislami.net

معلوم ٿيو تہ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻيا تمام انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجين پنهنجين مزارن ۾ نہ صرف حيات آهن پر انهن کي رزق بہ ڏنو ويندو آهي سڄي جهان ۾ تشريف کڻي ويندا آهن ۽ زمين ۽ آسمان جي سلطنت ۾ اختيار بہ فرمائيندا آهن. اچو حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري کان پوءِ پنهنجي امتين جي حاجت روائي مشڪل ڪشائيءَ جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا.

❁ حضرت سيّدنا شيخ احمد بن نفيس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا : آئون هڪ ڀيرو مدينہ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ سخت بک جي عالم ۾ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضہء انور تي حاضر ٿي عرض گزار ٿيس، يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون بکايل آهيان. پوءِ اک لڳي وئي، انهي وقت ڪنهن جڳايو ۽ مونکي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، جيئن تہ آئون ان سان گڏ انهن جي گھر آيس ، ميزبان کھجور، گيهہ ۽ ڪڻڪ جي ماني پيش ڪري چيو: پيٽ ڀري کائي وٺو ڇوتہ مونکي منهنجي جدِّ امجد، مڪي مدني محمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو آهي. هاڻي بہ جڏهن بک محسوس ٿئي اسان وٽ تشريف آڻيندا ڪريو.

(حُجَّةُ اللّٰهِ عَلَى الْعٰلَمِين ص۵۷۳)

بے مانگے دینے والے کی نعمت میں غرق ہیں     مانگے سے جو ملے کسے فہم اس قدر کی ہے

❁ حضرت سَيّدِنَا اَحمد بِن محمد صُوفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ آئون ٽن مهينن تائين جهنگن ۾ گھمندو رهيس ، ايستائين جو منهنجي سڄي کل ڳري وئي . آخرڪار آئون مَدينہ مُنوّرَہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا حاضر ٿيس ۽



www.dawateislami.net

مون سرور ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ سلام عرض ڪيو ۽ سمهي رهيس. خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان شرفياب ٿيس، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا هئا: احمد تُو اچي وئين ڏس تنهنجو ڪهڙو حال ٿي ويو آهي ! مون عرض ڪيو: اَنَا جَائِعٌ وَّاَنَا ضَيْفُكَ يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون بکايل آهيان ۽ توهان جو مهمان آهيان. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو : هٿ کول جڏهن مون پنهنجا هٿ کوليا تہ انهن ۾ ڪجهہ درهم هئا، جڏهن اک کلي تہ اهي درهم منهنجي هٿ ۾ موجود هئا، مون بازار مان وڃي ماني ۽ فالودو وٺي کاڌو. (جَذبُ القُلوب ص۲۰۷،وفاء الوفاء ج ۲ ص ۱۳۸۱، عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، ص۲۷)

مانگیں گے مانگے جائیں گے مُنہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ "لا" ہے نہ حاجت "اگر" کی ہے

✿ حضرت عَلاّمَہ اَبُو الْفَرج عَبدُالرَحمٰن بِن عَلي اِبن جَوزِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "عُيُونُ الْحِكَايَات" ۾ لکن ٿا تہ هڪ پرهيزگار شخص جو بيان آهي تہ مان مسلسل 3 سالن کان حج جي دعا ڪندو رهيس پر منهنجي حسرت پوري نہ ٿي، چوٿين سال حج جي موسم جو بهار هيو ۽ دل آرزوءِ حرم ۾ بيقرار هئي هڪ رات جڏهن آءٌ ستس منهنجو ڀاڳ کليو اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون خواب ۾ جنابِ رسالت ماب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان شرفياب ٿيس پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو "تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجان" منهنجي اک کُلي تہ دل خوشي مان جهومي رهي هئي سرڪار مدينہ راحت قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي



www.dawateislami.net

اهو منو منو آواز ڪنن ۾ گونجي رهي هيو ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“. بارگاهه نبوت مان حج جي اجازت ملي وئي هئي، آءُ ڏاڍو خوش ٿيس اچانڪ ياد آيو تہ مون وٽ سفر جو خرچ بہ نہ آهي! هن خيال ۾ غمگين ٿي ويس. ٻي رات، مَحْبُوبِ رَبّ، شَهنشاهِ عَرَب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ وري زيارت ٿي، پر مان پنهنجي غربت جو ذڪر نہ ڪري سگهيس اهڙي طرح ٽين رات بہ خواب ۾ بارگاهه رسالت مان حڪم ٿيو ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“. مون سوچيو تہ جيڪڏهن مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوٿون دفعو خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا تہ مان پنهنجي غربت جو ذڪر ڪندس

آه! پلے زر نہیں رختِ سفر سرور نہیں
تم بُلالو تم بُلانے پر ہو قادِر یا نبی

چوٿين رات وري سرورِ ڪائنات شاهِ مَوجُودَات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي غريب خاني ۾ جلوه گر فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“ مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو ”منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ خرچ نہ آهي.“ ارشاد فرمايائون ”تون پنهنجي گهر ۾ فلاڻي جڳهہ کوٽ اتي تنهنجي ڏاڏي جي تلوار موجود هوندي“ ايترو فرمائي ڪري سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي ويا صبح جڏهن منهنجي اک کلي تہ آئون ڏاڍو خوش هيس نماز فجر کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل جڳهہ کوٽي تہ اتي واقعي قيمتي تلوار موجود هئي اها بلڪل صاف سٿري هئي جڻ تہ ان کي ڪنهن استعمال نہ ڪيو هو مون ان کي چار هزار دينارن ۾ وڪڻيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شنهشاهہ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

جي نظر عنايت سان حج جي خرچ جو انتظام پاڻ ئي ٿي ويو.

(عيون الحكايات ص۳۲۶ملخصًا،از عاشقانِ رسول کی 130 حکایات،ص۸۴)

جب بُلایا آقا نے　　　　خُود ہی اِنتِظام ہو گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري دين اسلام اسان کي مسلمانن جي خيرخواهي حسن سلوڪ، غريبن جي مدد، يتيمن جي ڪفالت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي انهي ڪري هر سال صاحب نصاب ماڻهن تي ڪجهه شرطون هجڻ جي صورت ۾ زڪواة فرض فرمائي نفلي صدقن جا فضائل بيان ڪري ماڻهن کي سخاوت جو درس ڏنو بخل جي مذمت بيان فرمائي تنهنڪري اسان کي گهرجي ته زڪواة جي اهم فريضي جي ادائيگي ۾ سستي ۽ تنگ دلي کان ڪم وٺڻ جي بجاءِ خالصتاً رضاءِ الهي جي خاطر هن جا تمام شرعي مسئلن کي ذهن ۾ رکي ڪري ادائيگي ڪيون ۽ نفلي صدقن جو به ذهن بڻايو ته صدقو الله تعالٰي کي ڏاڍو پسند آهي آفتن ۽ بلائن کي ٽارڻ سان گڏو گڏ غريبن ۽ مسڪينن جون ڏاڍيون ضرورتون پوريون ٿيڻ جو سبب آهي اچو سخاوت جو جذبو پيدا ڪرڻ تي سخاوت تي پنج فرامين مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون.

(1) سخاوت جنّت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي جنهن جون ٽاريون زمين جي طرف جهڪيل آهن جيڪو ماڻهون ان مان ڪنهن هڪ کي پڪڙي ٿو اها ان کي جنّت جي طرف وٺي وڃي ٿي.

(شعب الايمان، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۴، حديث :۱۰۸۷۵)



www.dawateislami.net

(2) تَجَافَوۡا عَنۡ ذَنۡبِ السَّخِيِّ فَاِنَّ اللّٰهَ اٰخِذٌبِيَدِهٖ يعني سخي جي غلطيءَ کان درگذر ڪيو ڇو تہ جڏهن هو غلطي ڪندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جو هٿ پڪڙي ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان ، باب فی الجودو السخاء ،٧/ ٤٣٣، حديث :١٠٨٦٧) يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو مددگار هوندو آهي ۽ ان کي هلاڪت ۾ پوڻ سان خلاصي عطا فرمائيندو. (اتحاف السادة المتقين،٩/ ٧٢٥،ملخصاً)

(3) اَلۡجَـنَّةُ دَارُالۡاَسۡخِيَآء يعني جنّت سخين جو گهر آهي.

(فردوس الاخبار،١/ ٣٣٣،حديث :٢٤٣٠)

(4) سخي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو آهي، جنّت جي ويجهو آهي، ماڻهن جي ويجهو آهي، باهہ کان پري آهي. ڪنجوس اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان پري آهي، جنّت کان پري آهي، ماڻهن کان پري آهي، باهہ جي ويجهو آهي ۽ جاهل سخي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ بخيل عالم کان بهتر آهي.

(سنن الترمذی ، کتاب البروالصلة ، باب ماجاء فی السخاء،٣/ ٣٨٧ ،حديث :١٩٦٨ بتغيرقليل)

(5) اي انسان جيڪڏهن تون بچيل مال خرچ ڪري ڇڏيندي تہ تنهنجي لاءِ سنو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي روڪي رکندي تہ تنهنجي لاءِ برو آهي ضرورت جيترو پاڻ وٽ رک تہ توتي ملامت ناهي ۽ ڏيڻ تي پنهنجي گهر وارن کان شروعات ڪيو ۽ مٿيون هٿ هيٺين هٿ کان بهتر آهي.

(صحيح مسلم: کتاب الزکاة، الحديث:١٠٣٦،ص٥١٦)

هن حديث جي شرح ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ يعني پنهنجي ضرورتن کان بچيل مال خيرات ڪري ڇڏڻ تنهنجي لاءِ فائديمند آهي ڇو تہ ان مان تنهنجو ڪو بہ ڪم نہ رُڪندو ۽ توکي دنيا ۾ آخرت جي عيوض (بدلو) ملندو ۽ ان کي روڪي ڇڏڻ



www.dawateislami.net

پاڻ تنهنجي لاءِ برو آهي جو تہ اها شيءِ سڙي يا ڳري وڃي يا ٻي طرح زياه تي وڃي ۽ تون ثواب کان محروم ٿي وڃين، ان لاءِ حڪم آهي تہ نئون ڪپڙو پاءَ ۽ پراڻو ڪپڙو خيرات ڪري ڇڏ، نوان جوتا ربّ تعالٰي توکي ڏئي تہ پراڻا جوتا جيڪي توهان جي ضرورت کان بچيل آهن ڪنهن فقير کي ڏئي ڇڏ تہ تنهنجي گهر جو ڪچرو نڪري ويندو ۽ ان جو ڀلو تي ويندو.مزيد فرمائن ٿا ان ۾ بہ حڪم بيان ٿي ويا هڪ اهو جيڪو مال ان وقت کان وڌيڪ آهي سڀاڻي ضرورت پوندي، ان کي سنڀالي رکو، اڄ نفلي صدقو ڏئي ڪري سڀاڻي پاڻ نہ پنو، ٻيو هي تہ خيرات پهرين پنهنجي عزيز غريبن کي ڏيو پوءِ غيرن کي ڏيو ڇو تہ عزيزن کي ڏيڻ ۾ صدقو بہ آهي ۽ صلح رحمي بہ. (مرآۃ المناجيح شرح مشكاة المصابيح، ج٣،ص٧٠۔٧١)

## سخاوت جي دولت پائڻ جو ذهن ڪيئن بڻايون؟

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ سخاوت جي عادت ناهڻ چاهيون ٿا تہ اچو! ان جي متعلق ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون.

## (1) سخاوت جا فضائل پڙهو!

سخاوت جا فضائل ۽ بخل جي مذمت حديثن مبارڪن ۾ پڻ صحابہ ڪرام ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جي واقعن کي پڙهو اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان بخل جي عادت نڪري ويندي ۽ سخاوت جو ذهن ٺهجي ويندو.

## (2) مال جي محبت ڪڍي ڇڏيو!

پنهنجي دل مان مال ۽ دولت جي محبت کي ڪڍي ڇڏيو ڇو تہ



www.dawateislami.net

جيستائين مال ۽ دولت جي محبت دل ۾ رهندي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڏيڻ لاءِ دل نہ چوندي حضرت سيّدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو درهم يعني دولت جي عزت ڪري ٿو الله ربّ العزت ان کي ذلت ڏئي ٿو منقول آهي سڀ کان پهرين درهم ۽ دينار ٺهيا تہ شيطان ان کي کڻي پنهنجي پيشاني تي رکيو پوءِ ان کي چميو ۽ چيو، جنهن ان سان محبت ڪئي اهو منهنجو غلام آهي. (احيا ءُ العُلُوم ج٣ص٢٨٨) آداب طعام،ص٣٦٦)

## (3) مسلمانن جي خير خواهي ڪيو!

پنهنجي دل ۾ مسلمان ڀاءُ جي خيرخواهي جو جذبو پيدا ڪيو جيئن تہ پنهنجي دوستن مٽن مائٽن پاڙي وارن جي خيريت پڇندا رهو انهن جي ڏک تڪليف ۾ شريڪ ٿي ڪري توفيق جي مطابق انهن جون حاجتون پوريون ڪريو فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪنهن مسلمان جي دنياوي پريشاني پري ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي پريشانين مان هڪ پريشاني پري ڪري ڇڏيندو جيڪو تنگدست جي لاءِ دنيا ۾ آساني فراهم ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي لاءِ آسانيون پيدا فرمائيندو ۽ جيڪو دنيا ۾ ڪنهن مسلمان جي پردا پوشي ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي پردا پوشي فرمائيندو ۽ ماڻهون جيستائين مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مدد فرمائيندو رهندو آهي. (جامع الترمذی ،کتاب البر والصلة ، باب ماجاء فی الستر ة علی المسلم ، رقم ١٩٣٧ ،ج ٣، ص ٣٧٣)

## (4) دل سان بغض ۽ ڪينو ڪڍي ڇڏيو!

پنهنجي دل مان ڪنهن مسلمان جي لاءِ بغض ۽ ڪينو هجي تہ ڪڍي ڇڏيو ڇو تہ دل ۾ نفرت هوندي تہ ان تي خرچ ڪرڻ يا کهڙي بہ طرح



www.dawateislami.net

همدردي ڪرڻ تي دل راضي نہ ٿيندو انهي لاءِ بغض ۽ ڪينو پري ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ سلام ۽ هٿ ملائڻ بہ مفيد آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ هٿ ملائيندا رهو ڪينو پري ٿيندو تحفو ڏيندا رهو محبت وڌندي ۽ بغض پري ٿيندو. (موطاامام مالک، کتاب حسن الخلق، باب ماجاء فی المهاجرة، رقم ١٧٣١، ج ٢، ص٤٠٧)

## (5) مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو!

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان صدقو ۽ خيرات جو ذهن رکڻ چاهيو ٿا دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان بخل جي بيماري سان گڏو گڏ ٻين برائين کان بہ ڇٽڪارو نصيب ٿيندو ۽ نيڪ ٿيڻ جو جذبو نصيب ٿيندو مال جون آفتون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي حوالي سان وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي مطبوعہ 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ضياءِ صدقات“ جو مطالعو بيحد مفيد آهي. دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي هن ڪتاب کي پڙهي سگهجي ٿو ۽ ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آوٽ ڪري سگهجي ٿو.

## بيان جو خلاصو

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ نبي ڪريم رؤف رّحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حياتِ مبارڪ ۽ وصال ظاهري کان بعد پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سخاوت جا واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي انهن واقعن جي روشنيءِ ۾ سخاوت ۽ ان جي علاوه ٻيا مدني گل بہ حاصل ڪيا يقيناً سخي ماڻهون الله عَزَّوَجَلَّ ۽ مخلوق جي ويجهو محبوب ٿي ويندو آهي جڏهن



www.dawateislami.net

تہ بخيل ماڻهؤ کي کو بہ پسند ناهي کندو تنهنکري اسان کي گھرجي تہ اسان بہ پنهنجي پياري پياري آقا بنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت تي عمل کندي گھٽي کان گھٽو صدقو ۽ خيرات کرڻ جي عادت بڻايون، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجا صدقا ۽ مدني عطيات ٻين نيک کمن ۾ خرچ کرڻ سان گڏوگڏ دعوت اسلامي جي مدني کمن ۽ هر نيک و جائز کم ۾ خرچ کرڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس ائمّہ مساجد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي نيکي جي دعوت عام کرڻ جي لاءِ مختلف شعبن ۾ مدني کم کري رهي آهي انهن مان هک شعبو ”مجلس ائمّہ مساجد“ بہ آهي ياد رکو مسجد کي آباد کرڻ ۾ جيکو کردار امام، مؤذن، خادم جو هوندو آهي ان کان انکار ممکن ناهي پر بيشمار مسجدون اهڙيون آهن جن جي امام، مؤذن ۽ خادمن جي پگھار جو سلسلو نٺو تي سگھي

مجلس ائمّہ جو پهريون کم اهلسنّت جي مسجدن جو تحفظ کرڻ ۽ پڻ اهلسنّت جي مسجدن ۾ امامن، مؤذنن کي مقرر کرڻ انهن جي پگھارن جي ادائيگي کرڻ مسجدن ۾ ٿيڻ وارن مسئلن کي شرعي ۽ تنظيمي رهنمائي کان بعد مشوري سان حل کرڻ آهي. ۽ پڻ مسجد کميٽي ۽ اهلِ محلہ کي تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسطہ کندي هن مدني مقصد ”مونکي پنهنجي ۽ سجي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي کوشش کرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي



www.dawateislami.net

مطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!

## 12 مدني ڪمن مان مهيني وارو هڪڙو مدني ڪم "مدني قافلي ۾ سفر"

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، پاڻ به نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ٻين کي بچائڻ ۽ نيڪين تي استقامت پائڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان مهيني وار هڪ مدني ڪم راهه خدا ۾ عاشقان رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ به آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ان سلسلي ۾ دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جا بيشمار مدني قافلا 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، هڪ مهينو ۽ 12 مهينن جي لاءِ ملڪن، شهرن، ڳوٺن ۾ سفر ڪري علم دين ۽ سنّتن جي مدني بهار لٽائي رهيا آهن ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن. يقيناً راهه خدا ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي ان مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وڏي سعادت آهي. انهن مدني قافلن جي برڪت سان پنج وقت نماز ۽ نفلن جي پابندي سان گڏو گڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنّتون به سکڻ جي لاءِ ملنديون آهن ۽ علم دين حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. علم دين جي لاءِ سفر جا بيشمار فضائل آهن. جيئن ته



www.dawateislami.net

حضرت سَيِّدُنَا اَبُو دَرداءِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چيو تہ مون رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آھي تہ جيڪو شخص علم (دين) حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪندو آھي، تہ خدا تعالٰي ان جي لاءِ جنّت جي رستن مان ھڪ رستي تي ھلائيندو آھي ۽ طالب علم جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرشتا پنھنجي پرن کي وڇائيندا آھن ۽ ھر اھا شيء جيڪا آسمان ۽ زمين ۾ آھي. ايستائين جو مڇيون پاڻي جي اندر عالم جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪنديون آھن ۽ عالم جي فضيلت عابد تي ائين آھي جئين چوڏھين رات جي چنڊ جي فضيلت تارن تي ۽ علماء انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جن جا وارث ۽ جانشين آھن.

انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو ترڪو (ميراث) دينار ۽ درھم نہ ھئا. انھن وارثت ۾ صرف علم ڇڏيو آھي، جنھن ان کي حاصل ڪيو ان جڻ پورو حصو ورتو.

(سنن ابوداؤد، كتاب العلم ، باب الحث على طلب العلم، الحديث ۳۶۴۱، ج۳، ص۴۴۴)

تنھنڪري اسان بہ علم دين جي حصول جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر کي پنھنجو معمول بڻايون، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ دنيا جون پريشانيون ۽ مسئلا حل ٿي ويندا.

## فلمن دارمن جو شيدائي (عاشق)

سردار آباد (فيصل آباد) جي علاقي يوسف ٽاؤن نمبر2 ۾ رھائشي ھڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ بيان آھي تہ نيڪين جي رستي تي ھلڻ کان پھريان مان گناھن جي صحراءِ ۾قاسي پيو ھئس. نمازون قضا ڪري ڇڏڻ، ڏاڙھي ڪوڙائڻ منھنجي عادت ھئي. فلمون دارما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ منھنجو معمول بڻجي ويو ھو. منھنجي زندگي ۾ نيڪين جو چنڊ ڪجھ ھن طرح چمڪيو جو خوش قسمتيءَ سان ڪڏھن ڪڏھن دعوت اسلامي جي ھفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪندو ھئس. ھي سلسلو ڪيترن ئي مھينن تائين جاري رھيو. پر منھنجي اندر ڪا خاص تبديلي نہ آئي ھڪ دفعي اسان



www.dawateislami.net

جي علائقي ۾ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ ڏاڙهي شريف رکيل ۽ عمامو سجايل اسلامي ڀاءُ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو ذهن ڏنو. ان جي محبت ڀريل مني گفتگو ۽ حسنِ ڪردار ۾ اهڙي تاثير هئي جو انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ عاشقان رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. جتي مونکي پنج وقت با جماعت پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ سان گڏو گڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مني مني سنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو مليو پڻ نماز، وضوء غسل جي متعلق ڪوڙ بنيادي ڳاليون سکڻ جو موقعو مليو. مدني قافلي ۾ مونکي ڏاڍو سڪون ۽ اطمينان نصيب ٿيو مون پنهنجي گذريل سڀني گناهن کان توبہ ڪئي. ڏاڙهي شريف سجائڻ جي پڪي نيّت ڪئي ۽ مدني قافلي کان پوءِ سائو عمامو شريف سجائي گهر پهتس. مان پنهنجي زندگي جا باقي ساهہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پيار حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۾ گذارڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد ٿي ڪري قادري عطاري بڻجي ويس ۽ علائقي جي ٻين اسلامي ڀائرن سان گڏ ملي ڪري دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي حسبِ توفيق ڪوشش ڪندو رهيس. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان منهنجا ست ڀائر نہ صرف امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ٿيا بلڪ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري تنظيمي طور تي ذميداري جي سعادت بہ ملي ۽ مونکي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عَزَّوَجَلَّ علاقائي مُشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان خدمت بہ نصيب ٿي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي



www.dawateislami.net

۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشکوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سينہ تري سنّت کا مدينہ بنے آقا　　جنت ميں پڑوسي مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

- سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو اهڙي دلنشين انداز ۾ فرمائيندا هئا جو ٻڌڻ وارو آسانيءَ سان ياد ڪري وٺندو هو جيئن اُمُّ المُومنين حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صاف صاف ۽ چٽو ڪلام فرمائيندا هئا، هر ٻُڌڻ وارو ان کي ياد ڪري وٺندو هو. (المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 26269، ج 10، ص 115)

- مسڪرائي ڪري خوش طبعي سان ڳالهه ٻولهه ڪجي. ننڍن سان شفقت ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو رکو. اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جي وچ ۾ توهان معزز رهندؤ.

- رڙيون ڪري ڳالهڻ اڄ ڪل لاپرواهي ۾ دوست پاڻ ۾ ڪندا آهن، عيبدار آهي.

- دورانِ گفتگو هڪ ٻئي سان هٿ تي تاڙي لڳائڻ صحيح ناهي ڇو تہ تاڙي، سيٽي وڄائڻ محض راند روند، تماشو ڪافرن جو طريقو آهي.
(تفسير نعيمى،ج۹،ص۵۴۹)

- ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ٻئي جي سامهون هر هر نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي. هن سان ٻين کي ڪراهَتَ ايندي



www.dawateislami.net

آهي.

جيستائين پيو ڳالهائي رهيو هجي، اطمينان سان ٻڌو. هن جي ڳالهه ڪٽي ڪري پنهنجي ڳالهه شروع نه ڪريو.

- ڪير به ٻاتائي ڪري ڳالهه ڪندو هجي ته ان جي نقل نه ڪريو ان سان ان جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي.
- ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ٽهڪ نه لڳايو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو. (ماخوذ از مرأۃالمناجيح،ج۶،ص۴۰۲)
- گهٽي ڳالهائڻ ۽ گهڙي گهڙي ٽهڪ ڏيڻ سان عزت ڪِري پوندي آهي.
- سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: "جڏهن توهان ڪنهن دنيا کان بي رغبت شخص کي ڏسو ۽ هن کي گهٽ ڳالهائيندي ڏسو ته ان جي پرسان ضرور ويهو ڇو ته ان تي حڪمت جو نزول ٿيندو آهي. (سنن ابن ماجه،ڪتاب الزہد ،باب الزہد فی الدنيا،الحديث ۴۱۰۱،ج۴،ص۱۲۲)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پهول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول،آئيں سنت کے پھول　　دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،
[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
[5] ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] … الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

[7] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net